accountabilitylab PAKISTAN

CIVIC ACTION TEAMS

# پاڪستان ڪورونا وائرس سِوڪ ايڪٽ مهم

جولائی 2022 - بُليٽن نمبر14



ملڪ ۾ ڪرونا وائرس جي مسلسل پکڙجڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ احتساب ليب پاڪستان سِوا ايڪٽس مهم تحت ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن، افواهن ۽ غلط معلومات کي روڪڻ لاءِ ضلعي حڪومتن ۽ ڪميونٽي ورڪرن (رضاڪارن جو هڪ نيٽ ورڪ) سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. اوپن سوسائٽي فائونڊيشن اداري جي سهڪار سان، سِوا ايڪٽس مهم ڪورونا وائرس جي انگن اکرن تي حقيقتون ڳولڻ ۽ معلومات مهيا ڪري ٿي. اهي هفتيوار بليٽين ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي معلومات ۽ عوامي راءِ فراهم ڪن ٿا. شهرين ۾ ڪرونا وائرس کان بچاءُ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ انهن خبرن کي مختلف پنجن ٻولين ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو: انگريزي، اردو، پشتو (آڊيو)، پنجابي (آڊيو) ۽ سنڌي. اهي بليٽين آن لائن ۽ آف لائن عوام، سرڪاري کاتن، ترقياتي ادارن، سماجي ۽ انساني تنظيمن ادارن جي ڪارڪن سان سان ونڊيا ويندا آهن.

هن مهم ۾ ڪرونا وائرس جي متعلق حڪومتي فيصلن، ويڪسينيشن مهم، ڪميونٽي جا ردعمل ۽ تحفظات کي به شامل ڪيو ويو آهي. هن مهم جو مقصد سماج جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور طبقن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي، جن ۾ عورتون، نوجوان، نسلي ۽ مذهبي اقليتون، خواجه سرا ۽ معذور ماڻهو شامل آهن. مهم جي موجوده مرحلي ۾، احتساب ليب مقامي عورتن جي ڪميونٽي اڳواڻن کي پڻ شامل ڪيو آهي ۽ انهن جي تربيت ذريعي انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري رهي آهي ۽ ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن ۽ غلط معلومات جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ڪورونا وائرس سان جڙيل اهڙن مسئلن بابت انهن حقيقتن کان آگاه ڪرڻ آهي.

## اِس ہفتے کے بلیٹن میں جانئے



01 ڪورونا وائرس کے متعلق حقائق
02 ڪورونا وائرس اپڈيٽس
03 ڪورونا وائرس معلومات
04 فيلڊ انٽرويو

# کورونا وائرس
# کے متعلق حقائق



## نمونيا ۽ فلو جي ويڪسين ڪووڊ-19 جي خلاف به اثرائتو آهي.


اهو درست ناهي ته نمونياۓ فلو جي ويڪسين به ڪووڊ-19 جي خلاف اثرائتو آهي. نمونيا ڦڦڙن جي هڪ سنگين انفيڪشن آهي جهڙوڪ سيني ۾ درد ۽ ساھ کڻڻ ۾ تڪليف جهڙيون علامتون پيدا ڪري ٿي. جيتوڻيڪ ان ۾ ڪورونا وائرس جهڙيون علامتون آهن، نمونيا ۽ فلو جي ويڪسين ان جي علاج ۾ ايتري اثرائتو نه آهن جيئن پيا مڃين ٿا. جيتوڻيڪ موڊرنا (Moderna) ۽ پفائزر (Pfizer) ويڪسين جي باري ۾ چيو ويو آهي ته ڦڦڙن کي صحتمند رکڻ ۾ مدد گار ثابت ٿي آهي پر اهڙي ڪا به ويڪسين ماڻهن کي ڪورونا وائرس کان بچائي نٿي سگهي. ملڪ ۾ ڪورونا وائرس جي نئين لهر کي نظر ۾ رکندي اهو چاڻڻ تمام ضروري آهي ته ڪورونا وائرس کان بچاءُ لاءِ هڪ مخصوص ويڪسين موجود آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ان نئين لهر کان متاثر ٿئي ٿو ته ان کي ڪنهن ٻي ويڪسين وٺڻ بدران مخصوص ڪورونا وائرس جي ويڪسين استعمال ڪرڻ گهرجي.




ماڻهن کي فلو ۽ ڪرونا وائرس مختلف وائرسن مان متاثر ٿين ٿا، تنهنڪري ٻنهي لاءِ مخصوص ويڪسين وٺڻ گهرجي ته جيئن هر هڪ کان بچاءُ ۽ مدافعتي نظام کي مضبوط رکيو وڃي. وڏيڪ سخت صورتحال ۾ فلو وائرس نمونيا پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ موت پڻ واقع ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري پڪ ڪريو ته توهان ٻنهي وائرس جي خلاف ويڪسينيشن ورتي آهي. ڇهن مهينن کان مٿي عمر جي هر ڪنهن کي هر سال فلو ويڪسين جو شاٽ وٺڻ گهرجي. ٻئي فلو ۽ ڪرونا وائرس ويڪسين هڪ ئي ڏينهن تي وٺي سگهجن ٿيون.

(ذريعہ۔استينفورډ)

## کورونا وائرس (کووڈ۔19 ) سے محفوظ رہنے کے لیے درجِ ذیل حفاظتی اقدامات کرنے چاہییں



اپنے چہرے، آنکھوں اور ناک کو غیر ضروری طور پر نہ چھوئیں کیونکہ اس سے وائرس منتقلی کا خدشہ بڑھتا ہے

کووڈ۔19 کی ویکسین لگوانے کے لیے خود کو جلد از جلد رجسٹرڈ کروائیں اور ویکسین لگوانے سے پہلے اور بعد کی ہدایات پر عمل کریں

گھر سے باہر دوسروں سے 3 فٹ کا جسمانی فاصلہ رکھیں

دو یا دو سے زیادہ تہوں والا دھونے اور سانس لینے کے قابل کپڑے کا ماسک استعمال کریں ، یہ اطراف سے کھلا ہوا نہیں ہونا چاہیے



گھر سے باہر غیر ضروری سماجی روابط اور رش والی جگہوں پر جانے سے گریز کریں

اگرآپ بیمار ہو جائیں تو گھر پر رہیں اور اپنے طبی ماہر سے رابطہ کریں

خود کو اور اپنے ارد گرد کے ماحول کو صاف ستھرا رکھیں

(ذریعہ۔ عالمی ادارہ صحت، باورڈ ہیلتھ پبلشنگ، سی ڈی سی)

# ڪورونا وائرس

## اپڊيٽس

### ننڍي ٻارن ۾ ‏پفائزر (Pfizer) ۽ موڊرنا (Moderna) جا ضمني اثرات

ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن پاران ڪيل مختلف مطالعي جي مطابق، پفائزر ۽ موڊرنا ويڪسين ٻارن ۾ معمولي ضمني اثرات پيدا ڪري ٿي. آمريڪا ۾ ڪيل هڪ ڪلينڪل مطالعي دوران، ڪيترن ئي شرڪت ڪندڙن کي چڙچڙاهٽ، ننڊ جي بيزاري، ۽ انجيڪشن سبب درد محسوس ڪيو. ماڊرنا ويڪسين جي آزمائش ۾ ڇهن مهينن کان پنجن سالن جي عمر وارن ٻارن کي ٻئي ڊوز کان پوءِ نوجوانن ۽ بالغن جي پيٽ ۾ 21 سيڪڙو کان 26 سيڪڙو وڌيڪ بخار ظاهر ٿيو، جڏهن ته پفائزر جي آزمائش ۾ گهٽ بخار هو. 6 کان 23 مهينن جي لڳ ڀڳ 7 سيڪڙو ٻارن کي ويسڪن جي هر هڪ ڊوز کان پوءِ بخار ٿيڻ لڳو. جڏهن ته ٽن کان پنجن سالن جي عمر وارن ٻارن ۾، ماڊرنا جي آزمائش ۾ 62 سيڪڙو ٻارن ۽ پفائزر جي آزمائش ۾ تقريباً 45 سيڪڙو ٻارن کي ٿڪاوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. ڪنهن به ويڪسين جي آزمائش دوران دل جي عضلات جي مايوڪارڊائٽس سوزش جي اطلاع ناهين مليا پر ايف ڊي اي (FDA) جي مطابق، موجود ڊيٽا ويڪسين حاصل ڪرڻ وارن ٻارن ۾ مايوڪارڊائٽس جي خطري کي طئي ڪرڻ لاءِ ڪافي نه آهي.



مايوارڊائٽس، پفائزر ۽ موڊرنا وٺندڙ نوجوانن ۽ بالغن لاءِ هڪ ڄاتل سڃاتل خطرو آهي. ڊاڪٽر ايچ ڪوڊي ميسنر، چيف، ڊويزن آف پيڊيٽريڪ انفيڪشن ڊيزيز، ٽفٽس يونيورسٽي اسڪول آف ميڊيسن، چيو ته هن ٻارن کي ٻنهي ويڪسين ڏيڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو، ڇاڪاڻ ته ڪجھ ٻار اڳ ۾ موجود موهپا، سکل سيل ۽ دل جي بيماري سان گڏ ڪووڊ لاءِ وڌيڪ خطري جو سبب آهن. ڊاڪٽر ڪوڊي جي مطابق، ويڪسين مان نقصان جو خطرو تمام گهٽ آهي، پر مائرن لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته انفيڪشن کان سنگين بيمارين جو خطرو پڻ تمام گهٽ آهي. امريڪي اسٽڊي آف پيڊياٽريڪس جي تازي رپورٽ موجب آمريڪا ۾ هر عمر جا هڪ سيڪڙو کان پنج سيڪڙو ٻار آمريڪي اسپتالن ۾ داخل ٿين ٿا.

ذريعه: اين بي سي نيوز)

### حڪومت ڪووڊ ڪيسن ۾ واڌ جي باوجود سمارٽ لاڪ ڊائون لاڳو نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو


جولاءِ 2022 تي هڪ پريس ڪانفرنس دوران صحت واري وزير قادر پٽيل چيو ته گذريل ڪجھ ڏينهن کان ڪورونا وائرس جي ڪيسن ۽ اسپتالن ۾ داخل مريضن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو آهي. صحت واري وزير موجب سڀ کان وڌيڪ ڪيس ڪورونا وائرس جي نئين سب ٽائپ بي اي 5 سان لاڳاپيل آهن. صحت واري وزير وڌيڪ چيو ته ملڪ جي سمورن صوبن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته اهي ضروري انتظام ڪن. هر ڪنهن تي زور ڏنو ويو آهي ته هو معياري طريقيڪار تي عمل ڪن جنهن ۾ آئسوليشن سينٽرز شامل آهن. قادر پٽيل وڌيڪ چيو ته عيدالاضحيٰ ۽ محرم ويجهو اچڻ ڪري ڪيسن ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي. هن شهرين کي اپيل ڪئي ته عيد جي موڪلن دوران جيترو ٿي سگهي گهرن اندر رهڻ جي ڪوشش ڪن.




لاڪ ڊائون تي عمل نه ڪرڻ جي حوالي سان هن چيو ته لاڪ ڊائون تي عمل ڪرڻ جو اهو صحيح وقت ناهي. نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر ان حوالي سان سمورن معاملن جي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ حڪومت هر قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ موجب پاڪستان ۾ ڪورونا وائرس سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن ۽ اسپتالن ۾ وڌيڪ 153 مريضن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي.

ذريعه: رڪارڊر)

# ڪورونا وائرس
## معلومات





### جولاءِ 2022 دوران ڪووڊ ڪيسن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. (انگ اکر)

جولاءِ 2022 جي پهرين اڌ ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. صرف مهيني جي پهرين سترهن ڏينهن ۾، چاليهه کان وڌيڪ موت واقع ٿيا ۽ 9,000 کان وڌيڪ ڪووڊ ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا آهن. 6 جولاءِ 2022 تي هڪ ڏينهن ۾ رڪارڊ ٿيل ڪيسن جو سڀ کان وڌيڪ تعداد 800 رهي آهي.

1 جولاء کان 17 جولاء تائين،
مجموعي طور تي 46 موت
COVID-19 کان رڪارڊ ڪيا ويا





1 جولاء کان 17 جولاء تائين،
مجموعي طور تي 9416 نوان COVID
ڪيس سڃاڻپ ڪئي وئي





6 جولاء تي، 872 سڀ کان
وڌيڪ رڪارڊ ڪيو ويو
هڪ ڏينهن ۾ ڪيسن جو



# مان پنهنجي ٽيسٽ ڪاٿان ڪرائي سگهان ٿي/ سگهان ٿو؟

| | |
|---|---|
| اسلام آباد | صحت جا قومي ادارا<br>پارڪ روڊ ، چڪر شهزاد ، اسلام آباد |
| ڪراچي | آغا خان يونيورسٽي اسپتال ،<br>اسٽيڊيم روڊ ، ڪراچي ، سنڌ |
| حيدرآباد | لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز (لمس) ،<br>لبرٽي مارڪيٽ سرڪل ، ويجهو لياقت يونيورسٽي اسپتال ، حيدرآباد ، سنڌ |
| خيرپور | گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ،<br>گمبٽ ، خيرپور ، سنڌ |
| پشاور | حيات آباد ميڊيڪل ڪمپليڪس ،<br>4 فيز 4 حيات آباد ، پشاور ، ڪي پي ڪي |
| مردان | چغتائي ليب<br>ويجهو الغيرز بينڪ ، مردان پوائنٽ ، شمسي روڊ ، مردان ، ڪي پي |
| هري پور | ايسلز ليبز ،<br>ٽي ايم اي پلازا دڪان نمبر 6 ، نزد گرلز ڊگري ڪاليج سرڪلر روڊ هريپور ،<br>ڪي پي ڪي |
| لاهور | شوڪت خانم ميموريل اسپتال ،<br>7 اي بلاڪ آر. 3 ايم اي جوهر ٽائون ، لاهور ، پنجاب |
| ملتان | نشتر اسپتال ،<br>نشتر روڊ ، جسٽس حامد ڪالوني ، ملتان ، پنجاب |
| راولپنڊي | آرمي فورسز انسٽيٽيوٽ آف پيٿولوجي<br>رينج روڊ ، سي ايم ايڇ ڪمپليڪس ، راولپنڊي , پنجاب |
| ڪوئٽه | فاطمه جناح اسپتال<br>بهادر آباد ، وحدت ڪالوني ، ڪوئٽه |
| مظفر آباد | عباس انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (اي ايم ايس)<br>امبور ، مظفر آباد ، آزاد ڪشمير |
| گِلگِت | ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال<br>اسپتال روڊ ، گلگت ، جي بي |

وڌيڪ شهرن جي ڳولا ڪريوCOVID-19 صحت جو صلاحڪار پليٽ فارم
[COVID-19 Health Advisory Platform]

accountabilitylab PAKISTAN

CIVIC ACTION TEAMS